# سنڌ ايڪٽ نمبر IV مجريه 2022

# SINDHACT NO.IV OF 2022

# سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ايڪٽ، 2022

# THE SINDH PUBLIC SERVICE COMMISSION ACT, 2022

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1.مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2.وصف

Definition

3.ڪميشن جي جوڙجڪ

Composition of Commission

4.چيئرپرسن ۽ ميمبرز جي مقرري

Appointment of Chairperson and Members

5.عهدي جو حلف

Oath of office

6.چيئرپرسن ۽ ميمبرز جي ملازمت جا شرط ۽ ضابطا

Terms and Condition of Service of Chairperson and Members

7.چيئرپرسن ۽ ميمبرز کي هٽائڻ

Removal of Chairperson and Members

8.ڪميشن جا ڪم

Functions of the Commission
9.ڪميشن کي آگاهه ڪيو ويندو جڏهن ان جي صلاح قبول نه ڪئي ويندي
Commission to be informed when its advice not accepted
10.ڪميشن جي رپورٽ
Report of the Commission
11.سٺي نيت سان کنيل قدم
Actions taken in good faith
12.قاعدا
Rules
13.ضابطا
Regulations
14.منسوخي ۽ محفوظ ڪرڻ
Repeal and saving

# سنڌ ايڪٽ نمبر IV مجريہ 2022
# SINDHACT NO.IV OF 2022
# سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ايڪٽ، 2022
# THE SINDH PUBLIC SERVICE COMMISSION ACT, 2022

[15 جون 2022]

ايڪٽ جنهن ذريعي مخصوص تبديلين سان منسوخ ڪري، سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ايڪٽ، 1989 کي ٻيهر عمل ۾ آندو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ مخصوص تبديلين سان منسوخ ڪري، سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ايڪٽ، 1989 کي ٻيهر عمل ۾ آڻڻ ضروري ٿي پيو آهي.

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ايڪٽ، 2022 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصف
Definition

2.هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجھ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a) "وڏو وزير" مطلب سنڌ جو وڏو وزير؛

(b) "ڪميشن" مطلب هن ايڪٽ تحت قائم ڪيل سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن؛

(c) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(d) "گورنر" مطلب سنڌ جو گورنر؛

(e) "ميمبر" مطلب ڪميشن جو ميمبر ۽ ان ۾ شامل آهي ان جو چيئرپرسن ۽؛

(f) "بيان ڪيل" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدن موجب بيان ڪيل؛ ۽

(g) "شيڊول" مطلب هن ايڪٽ ۾ لڳايل شيڊول.

ڪميشن جي جوڙجڪ
Composition of Commission

3.(1) صوبي سنڌ لاءِ پبلڪ سروس ڪميشن هوندي، جنهن کي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن سڏيو ويندو.

(2) ڪميشن چيئرپرسن ۽ ميمبرن جي اهڙي انگ تي مشتمل هوندي، جيئن وڏو وزير طئي ڪري.

چيئرپرسن ۽ ميمبرز جي مقرري
Appointment of Chairperson and Members

4.(1) گورنر، وڏي وزير جي مشاورت سان چيئرپرسن مقرر ڪندو ۽ وڏو وزير ڪميشن جا ميمبر مقرر ڪندو، پر ڪو به شخص پنجهٺ سالن يا ان کان وڌيڪ جو نہ هوندو ۽ ڪو به سرڪاري ملازمت ڪندڙ مقرر نہ ڪيو ويندو.

(2) اڌ ميمبر اهڙن ماڻهن مان چونڊيا ويندا جن پاڪستان جي ملازمت ۾ گهٽ ۾ گهٽ ويهہ سال عهدو رکيو هجي، جنهن مان گهٽ ۾ گهٽ پنج سال BS-20 يا ان کان وڌيڪ ۾ هجن.

(3) رهيل ميمبر نجي سيڪٽر مان اهڙن ماڻهن منجهان چونڊيا ويندا، جن جي عمر گهٽ ۾ گهٽ پنجيتاليهہ

سال هوندي ۽ وڌ ۾ وڌ سٺ سال هوندي، جيڪي لبرل آرٽس، سائنس ۽ ٻين پروفيشنلز جي نمائندگي ڪندا هوندا، جن وٽ لاڳاپيل فيلڊ ۾ جوڳي تجربي سان گڏ ماسٽرز ڊگري هوندي.

بشرطيڪ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ميمبر عورت هوندي ۽ هڪ اقليتن مان هوندو.

(4) چيئرپرسن يا ميمبر ٽن سالن جي هڪ مدي لاءِ عهدو رکندو، جيڪو وڌيڪ وڌايو نہ ويندو ۽/يا پنجهٺ سالن جي عمر تائين، جيڪو بہ پهرين هجي:

بشرطيڪ هن ذيلي دفعہ ۾ شامل ڪجهہ بہ ميمبر کي چيئرپرسن ٿيڻ کان نہ روڪيندو جيڪڏهن سندس مدو رهندو هجي ۽ چيئرپرسن جو عهدو خالي ٿئي.

(5) چيئرپرسن يا ميمبر پنهنجي هٿ اکرن سان لکيل تحرير ۾ گورنر يا وڏي وزير کي استعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو، جيئن تہ معاملو هجي.

عهدي جو حلف
Oath of office

5. آفيس ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ چيئرپرسن ۽ ميمبرز شيڊول ۾ ڄاڻايل طريقي موجب حلف کڻندا چيئرپرسن جي صورت ۾ گورنر جي سامهون ۽ ميمبر جي صورت ۾ چيئرپرسن جي سامهون.

چيئرپرسن ۽ ميمبرز جي ملازمت جا شرط ۽ ضابطا

6.(1) چيئرپرسن جا شرط ۽ ضابطا اهڙيءَ ريت هوندا جيئن گورنر وڏي وزير جي صلاح سان طئي ڪري ۽ ميمبرز جا جيئن وڏي وزير طرفان طئي ڪيا وڃن.

Terms and Condition of Service of Chairperson and Members

(2)عهدو ڇڏڻ تي ميمبر ٻيهر سرڪاري ملازمت يا خودمختيار ڪارپوريشن يا حڪومت طرفان قائم ڪيل باڊي لاءِ اهل نہ هوندو.

چيئرپرسن ۽ ميمبرز کي هٽائڻ
Removal of Chairperson and Members

7.(1)جيڪڏهن گورنر چيئرپرسن جي صورت ۾ ۽ وڏو وزير ميمبر جي صورت ۾، ان خيال جو آهي تہ چيئرپرسن يا ميمبر، طبي يا ذهني معذوري سبب، پنهنجون ذميداريون ادا ڪرڻ لائق ناهي، يا بدعنواني جو ڏوهي آهي، اهو معاملي جي جاچ ڪرڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ BS_21 جو رٽائرڊ آفيسر، جاچ آفيسر طور مقرر ڪري سگهي ٿو.

(2)جيڪڏهن جاچ ڪندڙ جاچ آفيسر رپورٽ جمع ڪرائي ٿو تہ چيئرپرسن يا ميمبر پنهنجون ذميداريون ادا ڪرڻ لائق ناهي يا بدعنواني جو ڏوهي آهي، تہ گورنر وڏي وزير جي مشاورت سان چيئرپرسن جي صورت ۾ ۽ وڏو وزير ميمبر جي صورت ۾، جيستائين ڪجهہ دفعہ 4 جي گنجائش جي متضاد نہ هجي، اهڙي چيئرپرسن يا ميمبر کي هٽائي سگهي ٿو.

وضاحت: هن ذيلي دفعہ جي مقصد لاءِ “بدعنواني” مطلب سروس ڊسيپلين جي گڏ آرڊر کان مٿانهون عمل يا سنڌ صوبي جي سرڪاري ملازمن تي لاڳو ڪنڊڪٽ جي قاعدن سان تڪراري يا آفيسر نہ رهڻ ۽ ان ۾ شامل آهي چيئرپرسن يا ميمبر طور ڪو قدم، جيڪو سڌيءَ ريت يا اڻ

سنڌيءَ ريت سياسي يا ٻيو ٻاهريون اثر رسوخ حڪومت يا ڪنهن حڪومتي آفيسر جي ذمي آڻي، اهڙي چيئرپرسن يا ميمبر جي سلسلي ۾ اهڙي ڪنهن معاملي تي ان خلاف سزا، رٽائرمينٽ يا سنڌس سروس جا ڪي ٻيا شرط ۽ جنهن ۾ شامل آهن، پر محدود نہ آهن، هيٺين تائين:

(i) بداخلاقي يا ڪرپشن ۾ ملوث هئڻ جا الزام؛
(ii) ڪميشن جي معاملن جي هلائڻ سان لاڳاپيل ضابطن جي لڳاتار بي حرمتي.

(3) هن دفعہ تحت جاچ جي مقصد لاءِ، جاچ آفيسر کي ڪوڊ آف سول پروسيجر، 1908 (1908 جي ايڪٽ V) تحت سول ڪورٽ جا اختيار حاصل هوندا، هيٺين معاملن جي سلسلي ۾ يعني:

(i) ڪنهن شخص جي حاضري تي زور ڀرڻ ۽ حلف تي جاچ ڪرڻ؛
(ii) دستاويزن جي پيشگي طلب ڪرڻ؛
(iii) حلف تي گواهي وٺڻ؛
(iv) دستاويزن جي شاهدي جي جاچ لاءِ ڪميشن جاري ڪرڻ.

ڪميشن جا ڪم
Functions of the Commission

8. ڪميشن جا هيٺيان ڪم هوندا:

(i) هيٺين تي بنيادي مقررين لاءِ ڀرتي لاءِ ٽيسٽس ۽ امتحان منعقد ڪرڻ:
(a) اهڙا عهدا جيڪي سنڌ صوبي جي معاملن سان لاڳاپيل هجن؛

(b)اهڙا عهدا جيڪي ڪارپوريشن يا ٻي ڪنهن خودمختيار باڊي يا ڪنهن قانون تحت حڪومت طرفان جوڙيل تنظيم ۾ يا هيٺ هجن، جيئن ٻي صورت ۾ بيان ڪيو ويو هجي؛

(ii)حڪومت کي ڪنهن معاملي تي مشورو ڏيڻ، جيڪو حڪومت ڪميشن ڏانهن اماڻي؛

(iii)اهڙو ڪاتيوار يا زباني امتحان وٺڻ، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

**ڪميشن کي آگاهہ ڪيو ويندو، جڏهن ان جي صلاح قبول نہ ڪئي ويندي**
**Commission to be informed when its advice not accepted**

9. جتي حڪومت ڪميشن جو مشورو قبول نہ ڪري، اها ڪميشن کي ان سلسلي ۾ موزون سبب کان آگاهہ ڪندي.

**ڪميشن جي رپورٽ**
**Report of the Commission**

10.(1) ڪميشن مالي سال دوران ڪيل ڪم بابت پنهنجي ساليانی رپورٽ سيڪريٽري (سروسز) SGA&CD ذريعي صوبائي اسيمبلي ۾ پيش ڪندي.

(2) ذيلي دفعہ (1) تحت رپورٽ يادداشت نامي سان گڏ جيئن ڪميشن کي ڄاڻايو ويو هجي:

(a)ڪيسز جيڪڏهن ڪي هجن، جن ۾ ڪميشن جو مشورو ناهي مڃيو ويو ۽ ان سلسلي ۾ سبب؛

(b)معاملا، جيڪڏهن ڪي هجن، جن تي ڪميشن سان مشورو ڪرڻ گهرجي ها پر نہ ڪيو ويو ۽ ان سلسلي ۾ سبب.

(3) صوبائي اسيمبلي جو سيڪريٽري رپورٽ جي نقل صوبائي اسيمبلي جي سامهون پيش ڪندو.

**سٺي نيت سان ڪنيل قدم**
**Actions taken in good faith**

11.ڪميشن طرفان ڪنيل سمورا قدم، ان جي چيئرپرسن ۽ ميمبرز طرفان سٺي نيت سان ڪنيا ويندا.

**قاعدا**
**Rules**

12.حڪومت هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

**ضابطا**
**Regulations**

13.ڪميشن پنهنجي ڪمن جي ادائگي ۽ هن ايڪٽ تحت سونپيل ڪاروهنوار سرانجام ڏيڻ لاءِ ضابطا جوڙي سگهي ٿي.

**منسوخي ۽ محفوظ ڪرڻ**
**Repeal and saving**

14.(1)سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ايڪٽ، 1989 منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

(2)جيستائين ڪجهہ ذيلي دفعہ (1) تحت منسوخي جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(i) منسوخ ڪيل ايڪٽ ۽ ان سلسلي ۾ جوڙيل قاعدن ۽ ضابطن تحت ڪنيل سمورا قدم، موثر طريقي ڪنيل سمجهيا ويندا.

(ii)منسوخ ڪيل ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدا ۽ ضابطا لاڳو رهندا، جيستائين ترميم ڪيا، منسوخ ڪيا يا مجاز اختياري طرفان تبديل ڪيا وڃن.

(iii)هن ايڪٽ جي شروعات کان فوري اڳ مقرر ڪيل ميمبرز انهن جي موجوده مدي ختم ٿيڻ تائين پنهنجو ڪم جاري رکندا؛

(iv)ڪميشن رهيل ڪيسز هن ايڪٽ جي شروعات واري تاريخ کان نوي ڏينهن اندر اڪلائيندي.

## شيڊول

## (ڏسو دفعه ـ5)

مان، ____________ حلف کڻان ٿو ته مان پاڪستان سان سچو ايماندار ۽ وفادار رهندس.

اهو ته، سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي چيئرپرسن (يا ميمبر) طور، مان پنهنجون ذميداريون نڀائيندس، ۽ ايمانداري سان ڪم سرانجام ڏيندس ۽ اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آئين ۽ قانون موجب پنهنجي بهترين قابليت ۽ وفاداري سان پاڪستان جي يڪجهتي، سالميت، ڀلائي ۽ خوشحالي لاءِ ڪم ڪندس.

اهو ته، مان پنهنجي آفيشل ڪاروهنوار ۽ پنهنجي آفيشل فيصلن ۽ پنهنجي ڪمن جي ادائگي تي ذاتي مفادن کي

اثرانداز ٿيڻ نہ ڏيندس، پوءِ اها ماڻهن جي پرتين يا مقررين جي چونڊ هجي يا ڪنهن ٻئي طريقي، مان بنا ڪنهن خوف، مفاد، متاثر ٿيڻ يا ڪمزوري جي ڪم ڪندس.

الله منهنجي مدد ۽ رهنمائي ڪري (آمين)

**نوٽ:ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**